# ٻولي، خدا جي امانت آهي




جڏهن مان ڇائو هئس، ان کان ٺيڪ هڪ سال پوءِ يعني 1968ع ۾ سئٽزرلينڊ جي هڪ مٿي ڦريي محقق ناليِ ايرڪ وان ڊينيڪِن جو ڪتاب "خدائن جون بَگِيون (Chariots of the Gods)" شايع ٿيو هئو، جنهن ۾ هن صاحب دنيا گهمي ڦري ڏسي وائسي اها ڳالهہ رکي هئي تہ هزارين سال اڳ انسانن سان آسماني هستين جو رابطو هوندو هئو، جيڪي انسانن کي رهڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان ويندي وڏيون ترقيون ڪرڻ جا گر سمجهائيندا هئا. نہ ڇڙو ايترو پر هنن ئي انسان جي دماغ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جا اهي ڏس ٻڌائي ڇڏيا هئا، جن کي سمجهڻ ۾ ئي انسان جي پيڙهين کي هزارين سال لڳا ۽ هي جيڪو اڄ جو انسان اوهان کي آسمان طرف پنهنجون ديدون کپائيندي نظر اچي ٿو ۽ جيڪو چنڊ ۽ مريخ کان ويندي سج تائين پهچڻ چاهي ٿو، اصل ۾ هو هزارين سال اڳ جي انهن رهنمائن طرف وڃڻ پيو چاهي.

توڙي جو ايرڪ وان جو تعلق رومن ڪيٿولڪ خاندان سان هئو پر هو جوان ٿيندي ئي مذهب کان وٿيرڪو ٿي آسمانن جي پولارن مان اچاتي مخلوقن جا معما حل ڪرڻ ۾ لڳي ويو هئو. هو لادين هوندي بہ روحانيت جي هڪ اهڙي پيچري تي ڪاهي پيو، جيڪو مڪمل طور سيني روايتي سلسلن کان مختلف مليو. هن اڳتي چيو پئي تہ انسان کي آسماني خدائن جيڪا وڏي ۾ وڏي اٽڪل سمجهائي، اها اصل ۾ "ٻولي" ئي آهي، جنهن جي ملڻ کان پوءِ انسان انتهائي تيز رفتاريءَ سان ترقي ڪندو اڄ هن منزل تائين پهتو آهي. ايرڪ وان جيان اڄوڪي دنيا جي هڪ برجستي ڄاڻو "يووال هراري" پڻ جهڙوڪ ساڳي ئي ڳالهہ ورجائيندي چيو تہ: "پوري دنيا ۾ اسان (انسان) ئي واحد مخلوق آهيون، جن کي ٻولي ڳالهائڻ جي صلاحيت آهي. ان ٻوليءَ ڳالهائڻ جي ڪري نہ رڳو شين کي بيان ڪري

سگھون ٿا، جن کي اسين ڏسي، ڇُهي ۽ چکي سگھون ٿا، پر انهن شين جي باري ۾ به ان ٻوليءَ آڌار کھاڻيون ٺاهي سگھون ٿا، جيڪي اسان جي آسپاس موجود ئي ناهن“.

هاڻي پرتي نه وڃجي، هتي پاڻ وٽ ئي پاڪ ڪتاب پڙهندي سوره الرحمٰن جي پهرين ئي چئن آيتن کي جڏهن ورد ڪجي ته فڪر جا نوان دڳ کوليندڙ هڪ پتو ملي ٿو: ”رحمان، جنهن قرآن جو علم ڏنو، جنهن انسان کي ٺاهي کيس ٻولي سيکاري. . . “ تي سگھي ٿو جڏهن اسين مٿين آيتن جو دؤر ڪندا آهيون، تڏهن ان جي جوهر ۽ گھرائيءَ کي نه سمجھي سگھندا آهيون، جيئن عام طور اسان سيني سان ٿيندو رهندو آهي. پر غور ۽ فڪر ڪرڻ سان اسان ان ڳجھارت جي انت کي پڪڙي سگھون ٿا ته انسان جي تخليق کان پوءِ الله پاران انسان کي جيڪا تمام وڏي نعمت عطا ٿيل آهي، اها اسان جي ڳالهائي ويندڙ ٻولي ئي آهي.

ٻولي، جيڪا اسان جي جيو گھرڙن ۾ هزارين سالن تي ڦهليل اسان جي وڏڙن جي مشاهدن ۽ تجربن کي بيان ڪرڻ جو وسيلو آهي، اها ٻولي جنهن جي ڪک ۾ پوري دنيا جي اربين ڪربين ماڻهن جي لوڪ ڏاهپ پيري پئي آهي، جنهن جي هڪ هڪ اچار ۾ اسان جي وڏڙن پنهنجي مشاهدن ۽ سوچن کان محسوسات تائين جا تصور چٽا ڪري اسان کي ٻڌايا آهن. اچارن جي پويان تصور نمايان ٿيڻ واري ڳالهه ممڪن آهي اسان کي تڪڙي سمجهه ۾ نه اچي پر جيڪڏهن پاڻ روزمره استعمال ٿيندڙ ٻولن تي غور ڪنداسين ته پاڻ کي هڪ عجيب ڳالهه ملندي. جيئن، ائين چو ٿو ٿئي ته الف سان شروع ٿيندڙ گھڻو ڪري ٻول صفتن جي ابت ٻڌائيندا آهن، ”ڏ“ سان شروع ٿيندڙ ٻول ڏنگا ۽ ڏاڍا ٿين ته ”ڪ“ سان شروع ٿيندڙ ٻول ڪنا ۽ ڪوجها! ”س“ سان شروع ٿيندڙ ٻول گھڻو ڪري سهڻا ۽ سيبتا ته وري ”م“ سان شروع ٿيندڙ مٺا، مٺڙ ۽ مادري ٻول ملن ۽ ”ن“ سان شروع ٿيندڙ ٻول نفيءَ وارا ملندا آهن.

في الحال ته پاڻ کي مٿين عجب سان ڀريل فارمولي کي سمجهڻ تي ئي جام وقت لڳندو، ڇو ته اهو لکندي مون کي ڪوبه عار محسوس نه ٿو ٿئي ته هنن فارمولن تي پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ اجا ڪو خاطر خواهه حقيقي ڪم ٿيو ئي ناهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪو هلڪو ڦلڪو ملي به ٿو، جيئن سائين

سراج صاحب يا ڊاڪٽر محبت ٻرڙي صاحب جو ڪم ته ان کي اجا کولڻ يا وڏيڪ سمجهڻ تي اسان جي يونيورسٽين کي، لڳي ائين ٿو ته ڪيئي ورهيه لڳندا.

ٿورو غور ڪري ڏسجي ته اها ٻولي ئي آهي، جيڪا پنهنجي ٻولن جي اچارن اندر تاريخ جا اهي لقاءَ سانديي هلي ٿي، جو چڙوان تي ئي سوچجي ته هوند اچرج ۾ اچي وڃجي! ڀلا اهو چوڻ ۾ ڇا آهي ته هتي موهن جي دڙي وارن جي ٻوليءَ جون نشانيون نه ئي خالي ناهن پيچي سگهيون، پر ڇا اها ويڌن گهٽ آهي ته اسان مسلسل جيڪو ڪجهه ڳالهائيندا رهون ٿا ۽ جيڪو ڪجهه ٻڌون پيا ته ڇا اهي روزمره وارا ٻول ۽ تن جا تصور اسان پيچي سگهيا آهيون؟ سادي ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن اسان سمجهي سگهون ها ته هوند سماج ۾ هِي ڪِيس، انبياءَ ۽ هڪٻئي مٿان ارهه زورائي ٿوروئي ٿئي ها! اسان وٽ ته ان مام کي ٻه سمجهڻ ۾ ، لڳي ائين ٿو ته اجا تمام گهڻي دير لڳندي. جيئن پوري دنيا ۾ اربين ڪروڙين انسانن جي رت جا اصل ۾ ڪل اٺ ئي گروپ ملن ٿا، تيئن ئي پوري دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ هزارين ٻولين جا ٻه ڪي ڏهه ٻارهن ئي ڪٽنب طئي ڪيل آهن. پوءِ ڀلي اهي هڪٻئي کان هزارين ڪوهه پري ڇونه هجن، پر انساني تهذيب جي هزارين سالن جي سفر ۾ رهڻ ۽ ساڳي انگ جي ميلن واريءَ وٿيءَ جي ڪري تن جا ٻول ۽ اچار ڪافي مٽجي سٽجي وڃڻ جي باوجود به اهي پنهنجي جوهر ۾ هڪڙي ئي بڻياد تي جڙيل آهن. بلڪل ائين جيئن لطيف چيو هئو ته:

ڀَڙاڏو سو سڏُ، وَرَ وائِيءَ جو جَي لَهين،

هئا اڳهين گڏُ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿِئا!

هتي مون کي مقدس بائبل جي "جينيسز" باب ۾ آيل اها ڳالهه دماغ ۾ هري پئي آهي، جنهن ۾ اهو آيل آهي ته: "اوهان جون سڀيئي ٻوليون اصل ۾ هڪ ئي ٻوليءَ جي ڪک مان نسريون آهن، جيڪا خداوند جي عطا ڪيل يعني حقيقي فطرت جي ٻولي آهي". هاڻي جيستائين پاڻ ٻولين جي اندر روحاني رازن کي پرکيون، تيستائين هڪ ڳالهه ته عالم آشڪار آهي ته ٻولين جي ٻولن جو چڙو اچار ئي

نہ پر سندن روح بہ ٿيندو آهي، جنهن جي ئي ڪري انهن سان، اسان جا احساس، اسان جو ادراڪ، اسان جي خوشي يا غمي سڀ جو سڀ سڌو اثر ۾ اچن ٿا.

الائي ڇو مون کي اهو پڻ محسوس ٿيندو آهي تہ ٻوليءَ جي ٻولن جون هي لڪتون، هي گرامر هي ٻولين جا ابجد تہ بس ڇڙيون ڪاڳري جدولون آهن، جيڪي توهان اسان لاءِ بس مددگار اوزار جيان آهن. ياد اچيم پيو، اهو 1997ع سال هئو، جو مون کي آسٽرين ريلويز جي هڪ انجنيئر شايد نالو والٽرز هئس، تنهن پئي چيو: "مسٽر امر! اسان وٽ ڊچ ٻوليءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ، اوهان جي معززپڻي جي شاهدي اوهان جي ڳالهايل ٻولي ڏيندي آهي"، ان مهل مون کي مولا علي عليہ السلام جو اهو قول شدت سان ياد آيو هئو تہ: "انسان جي جهالت ۽ ڏاهپ جو پيمانو ان جي ڳالهايل ٻولن ۾ ئي ملندو آهي".

يعني اسان جي زبان مان نڪتل ٻولي اسان جي ڪل شخصيت جي عڪاسي ڪندي آهي؛ تہ ڀلا ڪٿي ائين تہ ناهي تہ هڪ معزز اهو ئي ٿي سگهي ٿو، جيڪو اچاري ويندڙ ٻوليءَ کي مان ڏئي ڳالهائي ٿو ۽ ان جي ابتڙ وري جيڪو ٻوليءَ کي بگاڙي ۽ بغير مان مرتبي جي ڳالهائي ٿو، تنهن مٿان فطرت جو اهو ئي پاراتو ڪتل آهي تہ هن جي ٻولي اگري ۽ بگڙيل ملي ٿي!

سو هڪ پل لاءِ ٻولين بابت رواجي تصورن کي هٽائي روحاني طور ئي ٻوليءَ کي ڏسون تہ ڇا واقعي ائين نہ ٿو لڳي تہ اسان جي ٻولي خدا پاران اسان سيني کي هڪ امانت جيان ئي ملي آهي تہ پاڻ ۽ جانورن ۾ هڪ اهو ئي تہ فرق ٿيل آهي تہ پاڻ ناطق جيوَ آهيون، اهڙا جيوَ جيڪي خدا جي امانت کي ساڻ کڻي پيا هلون تہ جيئن اها امانت ايندڙ پيڙهين تائين بهترين امين جيان پهچايون ۽ جيڪڏهن اها امانت قرض سمجهي نہ ٿا پهچايون تہ پاڻ خيانتي ٿي پنهنجي شناخت ئي وڃائي بس خالي حيوان ئي رهجي ويندا سين! چوتہ هيءَ ٻولي جيڪا پاڻ سڀ ڳالهايون پيا، اها ڇڙو رابطي جو وسيلو ئي نہ آهي پر خدا جي عطا ئي تہ آهي!

ڇا اهو دليل ئي ڪافي ناهي تہ هزارين سالن جي تاريخ ۾ جنهن جنهن ماڻهوءَ جي ٻولي سهڻي، سيبتي ۽ محبتن جي ساکي ٿيندي آهي، تنهن کي پورو لوڪ پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندو پيو اچي، پر جيڪڏهن ڪو ٻوليءَ کي ڪمتر يا بدسلوڪيءَ سان ٻولي ٿو، سو هر هنڌ ۽ هر وقت رسوا ئي ٿيندو رهي ٿو. ڀلا ڇو؟ ڇو تہ هو خدا جو خيانتي جو هوندو آهي!

contact@amarfayaz.com